(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

رنگین شمارہ | Monthly Magazine | Faizan-e-Madina

# ماهوار
# فيضانِ مدينہ
## (دعوتِ اسلامي)

نومبر 2025ء/جُمادي الأوليٰ 14447





- دارالافتاء
- واپار جا احڪام
- ڏيئرن ڪي گهر جا ڪم ڪار سيکاريو
- مُفتي محمد رحيم،هڪ علمي دور جو اختتام
- ارڪانِ نماز جون حڪمتون

# اچو ته پنهنجو محاسبو ڪريون!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُاللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان هڪ اهڙي دور ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون، جتي علمِ دين حاصل ڪرڻ جا وسيلا بيشمار آهن. ڪتاب، رسالا، دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽس تي موجود اسلامي مواد، جامعات المدينہ، مدارس المدينہ، آن لائن ڪورسز، ماهوار فيضان مدينہ، فتاواجات ۽ مدني چينل جي نشريات اسان جي گهرن تائين دين جي روشني پهچائي رهيون آهن. اسان مان هر ڪو اهو ڄاڻي ٿو ته سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي، نماز پڙهڻ فرض آهي، والدين جي خدمت ۾ عظمت آهي ۽ غيبت ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ حسد ڪرڻ سخت گناهہ آهن. پر هڪ لمحي لاءِ پنهنجي دل تي هٿ رکي پاڻ کان پڇون ته اسان جي علم ۽ عمل ۾ ڪيترو فاصلو آهي؟

اهو اسان جي معاشري جو هڪ وڏو الميو آهي ته اسان جي معلومات ته تمام گهڻي آهي، پر اسان جي عملي زندگي ان جي عڪاسي نٿي ڪري. اسان منبر تي ويهي وڏيون وڏيون نيڪي جون ڳالهيون ڪندا آهيون، پر جڏهن پنهنجي ذاتي زندگي، گهرو معاملن يا رشتيدارن ۽ دوستن سان لهہ وچڙ جي مرحلي ۾ داخل ٿيندا آهيون ته اسان کان اهي سڀ ڳالهيون وسري وينديون آهن. اسان کي خبر آهي ته زبان جو غلط استعمال جهنم ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو، پر ان جي باوجود اسان غيبت، چغلي ۽ دل آزاريءَ جهڙن گناهن کان پاڻ کي بچائي ناهيون سگهندا. اسان کي اهو بہ معلوم آهي ته نماز دِين جو ٿنڀو آهي، پر مسجدن ۾ فجر جي وقت نمازي تمام گهٽ نظر ايندا آهن.

اسان جي اسلافِ ڪرام ۽ بزرگانِ دين جو اهو ئي شيوو هو ته جيڪو علم حاصل ڪندا هئا، ان تي فوري طور عمل ڪندا هئا. انهن جي لاءِ علم صرف معلومات جو ذخيرو نہ هو، پر اهو سندن زندگيءَ جو عملي حصو هو. انهن جي زندگي قرآن ۽ سنت جي عملي تفسير هئي. پر اڄ اسان

علم کي صـــرف فخر ۽ بحث مباحثي جو ذريعو بڻائي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ عمل جي ميدان ۾ اسان پوئتي رهجي ويا آهيون.

پيارا اســـلامي ڀائرو! اچو تہ اڄ کان ئي اهو عزم ڪريون تہ اسان پنهنجي علم کي عمل جي سانچي ۾ وجهنداسين. ان لاءِ سڀ کان بهترين طريقو ”فڪرِ مدينہ“ يعني پنهنجو محاسبو ڪرڻ آهي. روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ ڪجهہ وقت اڪيلائي ۾ ويهي پنهنجي ســـڄي ڏينهن جي عملن جو جائزو وٺون ۽ پاڻ کان پڇون تہ:

- اڄ مون ڪهڙي نئين نيڪي ســـکي ۽ ان تي عمل ڪيو؟
- ڇا مون پنج ئي وقت نماز باجماعت ادا ڪئي؟
- ڇا مون پنهنجي زبان کي گناهن کان بچايو؟
- ڇا مون پنهنجي والدين ۽ وڏن جو ادب ڪيو؟
- ڇا مون ڪنهن مسلمان جي دل آزاري تہ نہ ڪئي؟

ياد رکو! اهو عِلم جيڪو عَمَل کان خالي هجي، اهو قيامت جي ڏينهن اســـان جي لاءِ فائدي جي بدران وبال بڻجي ســـگهي ٿو. الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا آهي تہ هو اســـان کي علمِ نافع عطا فرمائي ۽ ان تي اخلاص ســـان عمل ڪرڻ جي توفيق بہ عطا فرمائي تہ جيئن اســـان جي زندگي سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مطابق گذري.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اوهان جي دعائن جو طالب،

**اياز هاشم عطاري مدني**



اچو ٻارؤ! رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث ٻڌون.

# ڪابہ نيڪي ننڍي ناهي

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا تَحْقِرَنَّ مِنَ الْمَعْرُوْفِ شَيْئًا يعني ڪنهن بہ نيڪيءَ کي گهٽ نہ سمجهو. (مسلم، ص 1084، حديث: 6690)

نيڪي يعني سٺو ڪم، اهو ڪم جنهن سان الله پاڪ خوش ٿئي يا ماڻهن کي فائدو ٿئي، جيئن نماز پڙهڻ، درود پڙهڻ ۽ والدين جي ڳالهہ مڃڻ وغيره.

هر نيڪي الله پاڪ کي پسند آهي. جڏهن اسين سٺو ڪم ڪندا آهيون تہ الله پاڪ خوش ٿيندو آهي ۽ اسان جي دل کي سڪون ملندو آهي. ماڻهو بہ اسان کي عزت ڏيندا آهن. نيڪي اسان کي بهتر ۽ عزتدار انسان بڻائي ٿي.

پيارا ٻارؤ! نيڪي هڪ گل وانگر آهي. جيڪڏهن اسين هڪ ننڍڙو ٻج پوکيون تہ اهو وڏو ٿي خوبصورت گل بڻجي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح، ننڍڙي نيڪي بہ اسان لاءِ الله جي رحمت سان جنت جو رستو کولي سگهي ٿي.

ڪابہ نيڪي ننڍي ناهي هوندي ۽ نہ ئي اسان کي ڪنهن نيڪي کي ننڍو سمجهڻ گهرجي. مثال طور: جيڪڏهن توهان رستي تان پٿر هٽائيندؤ تہ ڪو نوڪر (ٺُڏو) ڪائي ڪِرڻ کان بچي ويندو. ڪنهن کي مسڪرائڻ سان سلام ڪندؤ تہ ان جي دل خوش ٿي ويندي، ثواب ملندو. گهر ۾ ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ جي ننڍڙي مدد ڪندؤ تہ اهي دعائون ڏيندا. درود پاڪ پڙهندؤ تہ الله پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي.

اهي سڀ ننڍا ڪم آهن پر الله پاڪ وٽ انهن جو وڏو قدر آهي.

صحابي رسول حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا بازار ۾ وڃي هر دڪاندار، غريب ماڻهوءَ ۽ ملندڙ کي سلام ڪندا هئا. نہ ڪا شيءِ خريد ڪندا هئا، نہ ڪنهن سان ڳالهائيندا هئا، صرف سلام ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حضرت طفيل رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پڇيو: توهان بازار ڇو ويندا آهيو؟ توهان تہ نہ ڪا شيءِ خريد ڪندا آهيو، نہ ڪنهن دڪان تي ويهندا آهيو. حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا مرڪندي چيو: اسين صرف سلام ڪرڻ لاءِ ويندا آهيون. جيڪو بہ ملي، ان کي سلام ڪندا آهيون.

(ڏسو: موطا امام مالڪ، 444/2، حديث: 1844)

ان مان اهو سبق ملي ٿو ته سلام جهڙي ننڍڙي نيڪي لاءِ به اسان جا بزرگ دين وقت ۾ محنت ڪندا هئا، چاڪاڻ ته اهي ڄاڻندا هئا ته الله جي بارگاهه ۾ اها ننڍڙي نيڪي به وڏي قيمتي آهي.

سٺا ٻارؤ! توهان به ننڍي کان ننڍي نيڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو، پنهنجو وقت فضول شين ۾ ضايع نه ڪيو پر نيڪين ۾ وقت گذاريندؤ ته توهان جي دل خوش ٿيندي ۽ الله جي رحمت نازل ٿيندي. هر روز هڪ ننڍڙي نيڪي ڪرڻ جو ارادو رکو، جيڪڏهن ڪو ٻار نيڪي ڪري رهيو هجي ته ان کي به گهٽ ۾ حقير نه سمجهو چاڪاڻ ته شروع ۾ لکيل حديث پاڪ مان اهو به درس ملي ٿو.

الله پاڪ اسان کي ننڍيون وڏيون نيڪيون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# ارڪان نماز جون حڪمتون

مولانا ابرار اختر القادري

علماءِ ڪرام نماز جي رڪنن بابت مختلف حڪمتون بيان ڪيون آهن. انهن مان ڪجھ حڪمتون هيٺ ڏسو:

هي هڪ فطري اصول آهي تہ جڏهن ڪو انسان ڪنهن وڏي مرتبي واري جي سامهون بيهندو آهي تہ هو پنهنجي عضون کي بنا ضرورت جي حرڪت ناهي ڏيندو، چو تہ بلاوجھ حرڪت ڪرڻ بُرو سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن مخلوق جو هي حال آهي تہ هاڻي جيڪڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي خالق جي سامهون بيهڻ چاهي تہ ڪيس ڪيئن هئڻ گهرجي؟ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو خوفِ خدا جو خُوگر ۽ وڌيڪ متقي هوندو. ان کان علاوه ڪيس گهرجي تہ هو دل کي متوجھ رکي ۽ الله پاڪ کان سواءِ هر شيءِ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏي. اعليٰ حضرت جن جي والد محترم، حضرت علامه مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نماز جي رازن ڪي لکندي، بارگاهِ ربوبيت ۾ قيام ڪرڻ بابت فرمائن ٿا: (نماز ۾ بيهي تہ سچي توجہ نماز جي طرف هجڻ گهرجي) جيڪا ڳالھ دل ۾ هوندي آهي، ان جو اثر اقوال ۽ افعال ۾ ظاهر ٿيندو آهي. قولي اثر هي آهي تہ زبان سان چوندو آهي: "الله اڪبر، الله تمام وڏو آهي." علماء فرمائن ٿا: جيڪو تڪبير جي معنيٰ نٿو ڄاڻي سخت جاهل آهي ۽ جيڪو ڄاڻي ڪري خدا جي حضور پنهنجي نفس يا ٻئي جي طرف مائل آهي، اها شيءِ ان جي ويجهو خدا کان وڌيڪ وڏي ۽ ان نامراد جي مراد آهي، اصل ۽ معبود حقيقي آهي. ۽ فعلي اثر هي آهي تہ ان جي حضور ۾ نهايت خشوع ۽ خضوع سان هٿ ٻڌي بيهندو آهي. جيئن تہ هن مقام ۾ ٽن ڳالهين جو خيال رکڻ انتهائي ضروري آهي:

**پهرين ڳالھ :** ان بيهڻ کي خدا جو احسان سمجهي تہ مون جهڙي ناچيز کي پنهنجي بارگاھ ۾ گهرايو ۽ بيهڻ جي اجازت ڏني، جان ۽ دل اِن عنايت تي قربان ڪري تہ بجا آهي ۽ هر قسم جي دولت کي هن دولت جي مقابلي ۾ خاڪ سمجهي ۽ ان کي ٽُڏي تہ سهٽو (سنو) لڳندو. نہ اِهو تہ پنهنجو ڪمال سمجهي ۽ حقيقي بادشاھ تي ناز ڪري.

**ٻين ڳالهہ:** گنهگار ٻانهو ذليل ۽ خوار جيان، جنهن جي ڪوتاهي کان ان جو مالڪ واقف آهي، شرمندگيءَ سان سر جهڪائي ۽ پنهنجي هن حالت کي ڄڻ ائين سمجهي تہ هڪ ڏينهن اهڙي طرح ان جي حضور ۾ بيهڻو آهي ۽ پنهنجين نافرمانيون جيڪي سڄي عمر ڪندو رهيو، ان جو حساب ڏيڻو آهي.

**ٽين ڳالهہ:** جهڙي طرح ظاهري نظر قدم تي رکي ٿو، اندروني منهن جنابِ احديت جي طرف رکي، ڪنهن طرف منهن نہ ڦيري ۽ نہ دل کي غير جي طرف متوجہ ڪري. ڄڻ تہ ڪيس بادشاهہ جبار جي سامهون بيهاريو ويو آهي ۽ حڪم ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن منهن ڦيريندو تہ ماريو ويندو. (جواهر البيان، ص 52)

منهن کي زمين تي رکڻ يعني سجدي ڪرڻ ۾ وڏي حڪمت آهي ڇو تہ اهو انساني جسم جو سڀ کان وڌيڪ معزز حصو آهي، ان کي زمين تي رکي انسان پنهنجي رب جي سامهون عاجزي ۽ تواضع جو اظهار ڪندو آهي ۽ پنهنجي دل کي دنياوي وقار کان هٽائيندو آهي تہ جيئن الله جي بارگاهہ ۾ عزت حاصل ڪري. ڇو تہ ذلت ان جي سامهون فخر آهي ۽ ان جي سامهون سر جهڪائڻ عزت ۽ شان آهي. ان ۾ هڪ معنيٰ آهي نڪ کي ذليل ڪرڻ، جيڪو تڪبر ۽ شان و شوڪت جو مرڪز آهي، ان کي ذليل ڪرڻ لاءِ خاڪ تي رکڻ. ڇو تہ خاڪ، جيڪا گندگي آهي، سڀ کان خسيس شيءِ آهي. تہ ڄڻ اهو شخص چئي رهيو آهي تہ اي رب! مون پنهنجي جسم جو سڀ کان معزز حصو جيڪو منهنجو چهرو آهي، سڀ کان خسيس شيءِ تي رکيو آهي ۽ مان تنهنجي بارگاهہ ۾ بيٺل آهيان ڇو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ تون رب الارباب آهين ۽ باقي سڀ تنهنجا غلام آهن، تنهنجي قدرت جي سامهون عاجز، تنهنجي رحمت جو طالب ۽ تنهنجي اختيار جي تابع آهيان.

(حكمة التشريع وفلسفة، 1/ 77)

حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نماز جي رڪنن جون حڪمتون بيان ڪندي لکن ٿا: نماز ۾ چار شيون پڙهيون وينديون آهن ۽ چار ڪم ڪيا ويندا آهن: (1) قرآن (2) تسبيحون (3) درود شريف ۽ (4) دعائون پڙهيون وينديون آهن ۽ (1) قيام (2) رڪوع (3) سجده (4) قعدا ڪيا ويندا آهن.

انهن چئني ڪمن ۾ بہ حڪمتون آهن: هڪ هي تہ انسان ۾ چار وصفون آهن، هو جماد (هڪجهڙي حالت ۾ رهڻ وارو) بہ آهي، نامي (وڌڻ وارو) بہ، حيوان بہ آهي، انسان بہ. جماد (جهڙوڪ جبل، زمين) جيان عبادت ۾ ويٺو هوندو آهي، حيوان جو اصل عبادت رڪوع ۾ رهڻ آهي، نبات (گاهہ

وغيره) جي بندگي سجده ۽ انسان جي بندگي قيام آهي. جيئن تہ قرآن مان ثابت آهي. انڪري نماز ۾ انهن چئن عبادتن کي گڏ ڪيو ويو، انهي سان گڏ هي چار وصفَ انسان لاءِ رب کان پري ٿيڻ جو سبب بڻيان، جڻ تہ انسان چار درجا هيٺ لهي آيو، ان جي ترقي لاءِ چار ڪم مقرر ڪيا ويا. ٻيو هي تہ انسان ۾ باهہ، پاڻي، هوا، مٽي گڏ ٿيل آهي، باهہ جي خاصيت تڪبر ۽ غرور آهي، ان ڪري اها مٿي ٻڄندي آهي، ڏسو شيطان آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اڳيان نہ جهڪيو، پاڻي جو ڪم آهي ڦهلجڻ، خاڪ جي تاثير جمود ۽ بي حسي آهي، هوا جي تاثير شهوت آهي، جڻ تہ انسان انهن چئن مفردن جو معجون مرڪب آهي ۽ مفردات جو اثر معجون ۾ هوندو آهي. تنهنڪري انسان ۾ اهي چار ئي عيب موجود هئا، انهن جي علاج لاءِ اهي چار رڪن نماز ۾ قائم ڪيا ويا ۽ انهن رڪنن کي الله پاڪ جي مختلف ذڪرن سان ڀريو ويو تہ جيئن انهن عيبن کان پاڪائي حاصل ٿئي، جنهن جو بيان هن آيت ۾ آهي:

﴿إِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ﴾ ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بُري ڳالھ کان روڪي ٿي. (پ21، العنكبوت: 45)

﴿وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّیْ مَعَكُمْ لَىِٕنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ﴾ (پ6، المآئدۃ: 12)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ الله فرمايو بيشڪ مان توهان سان گڏ آهيان ضرور جيڪڏهن توهان نماز قائم رکو.

(رسائل نعيميہ، اسرار الاحڪام، ص 285)

رڪوع ۽ سجدن جون ڪجھ حڪمتون ۽ فائدا امير اهل سنت دامت برڪاتهم العاليہ پنهنجي ڪتاب فيضانِ نماز ۾ ڪجھ هن ريت بيان فرمايا آهن: نماز ۾ بهترين ورزش آهي جو ان جي قيام ۾، رڪوع ۽ سجدي وغيره ڪرڻ سان بدن جا اڪثر جوڙ (Joints) حرڪت ڪندا آهن، نزلي زڪام جي مريض لاءِ ڊگهو سجدو نهايت مفيد آهي، سجدي سان بند نڪ کلي ٿو، آنڊن ۾ گڏ ٿيندڙ غير ضروري مواد کي حرڪت ڏئي ڪڍڻ ۾ سجدو ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿو. (فيضان نماز، ص 28)

جواهر البيان ۾ ٻين ارڪانِ نماز جي برعڪس هر رڪعت ۾ ٻن سجدن جي فرض هجڻ جون حڪمتون ڪجھ هن ريت بيان ڪيون ويون آهن: (1) سجدا ايمان جي دعوي جي شاهدن جي مرتبي ۾ آهي، حديث ۾ آهي: سجدي جو نشان قيامت جي ڏينهن پيشاني تي چمڪندو ۽ ثبوتِ دعويٰ لاءِ شرع ۾ ٻہ شاهد عادل مقرر آهن (2) يا هڪ سجدو جسم جي عبادت ۽ ٻيو روح جي عبادت جي طرف اشارو آهي (3) يا پهريون

سجدو عظمت ۽ جلالِ مولا جي لحاظ کان ۽ ٻيو پنهنجي عجز ۽ ذلت جو اظهار آهي (4) يا پهريون شڪرِ معرفت ۽ ٻيو اظهارِ خدمت (5) يا پهرين مان اِن مضمون ڏانهن تہ ماڻهو زمين مان پيدا ٿيو ۽ ٻئي مان هن ڳالھ ڏانهن تہ آخرڪار انجام زمين ۾ ئي ويندو، اشارو آهي. ڇو تہ نمازي ٻنهي سجدن سان آيت سڳوري ﴿مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ﴾ (ترجمو ڪنز الايمان: اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو ۽ ان ۾ ئي توهان کي واپس وٺي ويندا سين) جي مضمون جو اقرار ڪندو آهي (6) يا پهريون حڪم تي عمل ڪرڻ ۽ ٻيو ترغيمِ شيطان (يعني شيطان کي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ لاءِ) آهي تہ ان سجدي کان تڪبر ڪري پنهنجي سموري محنت ۽ رياضت برباد ڪئي (7) مبسوط ۾ آهي ٻئي سجدا شيطان جي ترغيم ۽ ان کي ساڙڻ ۽ ذليل ڪرڻ لاءِ آهن تہ ان کي سجدي جو حڪم ٿيو، نہ ٻجا آندو، اسين اهو فعل بار بار ڪندا آهيون. يعني ان جيڪڏهن لکين ڀيرا سجدو ڪيو پر سجدي جي انڪار سان ملعون ٿيو، جڏهن اسان اهو فعل بار بار ڪنداسين ۽ ان جي عوض وڏو ثواب حاصل ڪنداسين تہ ضرور ان کي ندامت ۽ پنهنجي انڪار تي حسرت ٿيندي. جيئن ته اهو مضمون عين حديث مان ثابت آهي تہ جڏهن ٻانهو سجده تلاوت ڪندو آهي تہ شيطان روئيندو پري هليو ويندو آهي ۽ چوندو آهي تہ هائي افسوس! ان کي سجدي جو حڪم ٿيو، ٻجا آندو، جنت جو مستحق ٿيو، مون انڪار ڪيو ۽ دوزخي ٿيس. (مسلم، ص58، حديث: 244) سجودِ سهو جي نسبت ارشاد ٿيو: ٻئي سجدا شيطان جي ذلت ۽ خواري هوندا. (8) ۽ شيخ الاسلام سجدن جي تڪرار ۾ هي نڪتو لکن ٿا تہ جناب باري تعاليٰ جڏهن بني آدم کان ميثاق (پڪو عهد) ورتو تہ سجدي جو حڪم ڪيو تہ جيئن فعل قول جي مطابق هجي، مسلمان سجدي ۾ ويا، ڪافر نہ ڪري سگهيا، جڏهن مسلمانن سجدي مان سر ڪنيو ۽ پنهنجو پاڻ کي ان عظيم دولت سان مخصوص ڏٺو تہ توفيقِ الٰهي جو شڪر سجدي سان ڪيو، اهي ٻہ سجدا نماز ۾ مقرر ٿيا. (جواهر البيان، ص68 تا 69)

نماز جي اختتام يعني خروج بصنعهٖ بابت مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ پنهنجي ۽ پنهنجي والدين ۽ مسلمانن لاءِ دعاءِ مغفرت ۽ حاضرين دربار کي سلام ڪري رخصت ٿيندو آهي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحمَةُ الله، نَسْئَلُ تَوْفِيْقَ الْعَمَلِ مِنَ اللهِ. (جواهر البيان، ص61)



حضرت مفتي محمد رحيم سڪندري جي مزار مبارڪ



## ظاهري ۽ باطني علم جو آفتاب مفتي محمد رحيم سڪندري، هڪ علمي دور جو اختتام

ايازعطاري مدني........✍

سنڌ جي علمي ۽ روحاني دنيا جو هڪ روشن ستارو، استاذ العلماء، شيخ الحديث، علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري عليہ رحمة 84 ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي هزارين شاگردن ۽ عقيدتمندن کي سوڳوار ڇڏي، هن فاني دنيا مان پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن راهي ٿي ويو. سندن وصال سان علم، عمل، تقويٰ ۽ تدريس جو اهو باب بند ٿي ويو آهي، جيڪو گذريل اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کي منور ڪري رهيو هو.

### ولادت ۽ خاندان:

استاذ العلماء، علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري ولد محمد جام ڪوسو جي ولادت باسعادت 03 جنوري 1941ع تي ڳوٺ قادر پور پيلو، سکر جي ويجهو ٿي. بعد ۾ درياهہ جي ٻوڏ سبب سندن خاندان ڳوٺ مير محمد ڪوسو، تعلقي ٺل ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. پاڻ قوم جا ڪوسا بلوچ هئا.

### تعليم ۽ ذهانت:

مفتي صاحب جن قرآن پاڪ جي ناظره تعليم پنهنجي مامي فقير محمد ڪهوسو صاحب وٽان حاصل ڪئي. سندن ذهانت جو هي عالم هو جو استاد محترم ڪين جيڪو سبق پڙهائيندو هو، پاڻ ٻئي ڏينهن ان کان بہ اڳتي پڙهي ٻڌائيندا هئا.

سندن حافظو ايترو تہ ڪمال جو هو جو تراويح نماز ۾ جڏهن امام صاحب کان تلاوت دوران ڪا لغزش ٿيندي هئي تہ پاڻ ڪيس لقمو ڏيندا هئا، جڏهن تہ ان وقت پاڻ حافظِ قرآن نہ، پر رڳو ناظره پڙهيل هئا.

1952ع ڌاري، پنهنجي نيڪ، پارسا ۽ تهجد گزار والده جي چوڻ تي سندن ڀائر، نور محمد ڪوسو ۽ قادر بخش ڪوسو، ڪين اهل سنت جي عظيم درسگاهہ ”جامعہ راشديہ درگاهہ شريف پير جو

ڳوٺ“ ۾ درس نظامي لاءِ داخل ڪرائڻ آيا. هتي پاڻ انتهائي محنت، شوق ۽ لڳن سان تعليم حاصل ڪئي ۽ 1961ع ۾ هن عظيم ديني درسگاهه مان فراغت جي سند حاصل ڪئي. هي جامعه راشديه مان فارغ ٿيندڙ ٽئين شخصيت هئا، سندن گڏ فراغت جي سند حاصل ڪندڙ استاذ العلماء علامه مفتي در محمد سڪندري نورالله مرقده پڻ شامل هئا.

مفتي صاحب جن 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ”فاضل عربي“ جي سند پهرين پوزيشن سان حاصل ڪئي. 1984ع ۾ تنظيم المدارس اهل سنت مان ”شهادة العالميه“ جي سند حاصل ڪئي ۽ 2000ع ۾ بغداد يونيورسٽي، عراق مان ”عربڪ ريفريشر ڪورس“ ڪيو.

### استاد:

مفتي محمد رحيم سڪندري جن جامعه راشديه ۾ جن اڪابر عالمن کان فيض پرايو، تن ۾ استاذ العلماء، عمدة الفقهاء، مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي، استاذ العلماء علامه مولانا محمد صالح مهر، نبيره اعليٰ حضرت علامه مفتي تقدس علي خان بريلوي، امام المعقول والمنقول علامه سيد حسين امام اختر، استاذ العلماء علامه مولانا ڪريم بخش ڏايو، علامه مولانا عبدالصمد ميتلو ۽ علامه مخدوم امير احمد جهڙا جليل القدر عالم شامل آهن.

### قرآن پاڪ جو حفظ:

جڏهن مفتي صاحب نوابشاهه جي جامع مسجد علامه محمد هاشم انصاري جا خطيب مقرر ٿيا ته رمضان المبارڪ ۾ هڪ بد مذهب حافظ کي تراويح لاءِ آندو ويو. ان تي مفتي صاحب جي حمايتي مقتدين چيو ته اسان نماز مفتي صاحب جي پويان ئي پڙهنداسين. ان کان پوءِ حضرت مفتي صاحب قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ شروع ڪيو. روزانو سوا پارو ياد ڪري تراويح ۾ پڙهندا هئا ۽ اهو حافظ سندن پويان نماز پڙهندو رهيو. اهڙيءَ طرح تقريباً 27 ڏينهن جي مختصر عرصي ۾ پاڻ مڪمل قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو.

### علمي سلسلو:

سندن علمي سلسلو استادن جي وسيلي حضرت پير سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره العزيز جي استاد محترم علامه مخدوم خير محمد آريجوي ۽ اتان علامه عبدالحڪيم سيالڪوٽي جي معرفت علامه سعدالدين تفتازاني تائين پهچي ٿو. ٻئي طرف، علامه مفتي تقدس علي خان بريلوي جي شاگرديءَ جي شرف سبب فقط هڪ واسطي سان اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان وڃي ملي ٿو.

### درس وتدريس ۽ خدمتون:

فراغت کانپوءِ 1976ع تائين مختلف هنڌن تي درس و تدريس ۽ خطابت جا فرض سرانجام ڏيندا رهيا. نوابشاهه ۽ شهدادپور ۾ خطيب، حيدرآباد جي اوريئنٽل ڪاليج ۾ ليڪچرار، دارالعلوم قادريه شهدادپور ۾ مدرس ۽ مدرسه صبغة الفيض سومر فقير هنگورو ۾ صدر مدرس ۽ شيخ الحديث رهيا.

### جامعه راشديه جا مهتمم:

علامه محمد صالح مهر جي وصال کانپوءِ، حضرت پير سائين شاهه مردان شاهه ثاني (ڇٽ ڌڻي) جي حڪم تي 1976ع ۾ جامعه راشديه جا مهتمم ۽ جامع مسجد جا امام و خطيب مقرر ٿيا ۽ 2021ع تائين، تقريباً 45 سال هن منصب تي فائز رهيا. 1988ع ۾ مفتي تقدس علي خان جي وصال کانپوءِ پاڻ صرف دوره حديث پڙهائڻ تائين

محدود ٿي ويا. حديث پاڪ جو سبق روضي شريف جي سائيءَ پڙهائيندا هئا ۽ شاگردن کي ادب سان ويهڻ جي سختي سان تاڪيد ڪندا هئا. سندن دور ۾ جامعہ راشديہ بي مثال ترقي ڪئي، جنهن ۾ تنظيم المدارس سان الحاق، سند کي ايم. اي جو درجو ڏيارڻ، امتحاني بورڊ جو قيام، تعميرات ۾ اضافو ۽ شاخن جو قيام شامل آهي.

### شاگرد:

سندن شاگردن جو انگ هزارن ۾ آهي، جن مان ڪجهہ نامور نالا هي آهن: مفتي غلام قادر ٻوهيو سڪندري، مفتي غلام شبير سڪندري، مفتي محمد اسماعيل منگريو سڪندري (مرحوم)، مفتي محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري، مفتي عبداللطيف ڪوسو سڪندري، مفتي قائم الدين سڪندري، مفتي دوست علي سڪندري، مفتي فيض محمد سڪندري ۽ مفتي عنايت الله سڪندري وغيره.

### بيعت ۽ خلافت:

مفتي صاحب جن جا آباءُ و اجداد درگاهہ شريف حضرت پير سائين روزي ڌڻي جا مريد هئا. پاڻ حضرت پير صاحب پاڳاري جا مريد ٿيا ۽ 1992ع ۾ خليفا ۽ چونڪي پار (شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ بلوچستان) جا مقدم مقرر ٿيا. 30 سالن کانپوءِ 2020ع ۾ هي خلافت پنهنجي وڏي صاحبزادي محمد اڪرام ڪوسو کي سونپيائون.

### ازدواجي زندگي ۽ اولاد:

سندن شادي 1964ع ۾ ٿي. کين 4 پٽ (محمد اڪرام، محمد ظفر احمد، معراج محمد، بختيار احمد) ۽ 6 نياڻين جو اولاد ٿيو.

### عادتون ۽ تصنيفي خدمتون:

پاڻ قرآن پاڪ جي ڪثرت سان تلاوت ڪندا هئا. دلائل الخيرات ۽ حزب الاعظم جا عامل هئا. درس و تدريس سان گڏ تحريري ميدان ۾ بہ لازوال خدمتون سرانجام ڏنائون، جن ۾ سڀ کان اهم ڪارنامو اعليٰ حضرت جي ترجمي "ڪنزالايمان" ۽ ان جي حاشيي "خزائن العرفان" جو سنڌي ۾ ترجمو آهي، جيڪو 30 سالن جي محنت کانپوءِ 1992ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

ان کان علاوه خزانة المعرفة جو سنڌي ترجمو: پير سائين تجر ڌڻي جي ملفوظات جو فارسي مان ترجمو.

**الزبدة العمدة شرح قصيدة البردة جو مقدمو:** علامہ ملا علي قاري جي شرح جو 32 صفحن تي مشتمل مقدمو. حزب الاعظم جو ترجمو: علامہ علي بن سلطان قاري جي دعائن جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو.

ديوان مسڪين جو سنڌي ترجمو: پير سائين تخت ڌڻي جي فارسي ڪلام جو سنڌي ترجمو. ان سان گڏوگڏ بيشمار مقالا، مضمون، ڪالمز ۽ ڪتابن تي مقدمہ ۽ تقاريظ بہ تحرير ڪيائون.

### فتويٰ نويسي ۽ لائبريري:

پاڻ فن افتاءَ ۾ مهارت مفتي محمد صاحبداد جمالي کان حاصل ڪئي ۽ هزارين فتاويٰ جاري ڪيائون. سندن ذاتي لائبريري ۾ ڪتابن جو هڪ

عاليشان ذخيرو موجود آهي، خاص ڪري سيرت النبي ﷺ جي موضوع تي.

## حج بيت الله.

مفتي صاحب جن ڪيترائي حج ۽ لاتعداد عمرا ادا ڪيا. پهريون حج پنهنجي مرشد حضرت شاهه مردان شاهه ثاني جي صحبت ۾ ڪيو.

## وصال شريف.

آخرڪار علم جو هي آفتاب 20 ربيع الآخر 1447ھ بمطابق 15 آڪٽوبر 2025، اڱاري جي شام عصر جي وقت 84 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان وصال فرمائي ويو. سندن جنازي نماز 10 وڳي درگاهه شريف پير جو ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي.

الله ڪريم حضرت مفتي صاحب جا درجا بلند فرمائي ۽ اسان سيني کي سندن فيضان مان مستفيض فرمائي...
آمين.



# آمدِ مصطفیٰ جا قرآني مقصد (قسط:03)

مولانا راشد علي عطاري مدني

علماءِ ڪرام نماز جي رڪنن بابت مختلف حڪمتون بيان ڪيون آهن. انهن مان ڪجھ حڪمتون هيٺ ڏسو:

هي هڪ فطري اصول آهي تہ جڏهن ڪو انسان ڪنهن وڏي مرتبي واري جي سامهون بيهندو آهي تہ هو پنهنجي عضون کي بنا ضرورت جي حرڪت ناهي ڏيندو، ڇو تہ بلاوجھ حرڪت ڪرڻ بُرو سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن مخلوق جو هي حال آهي تہ هاڻي جيڪڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي خالق جي سامهون بيهڻ چاهي تہ ڪيس ڪيئن هئڻ گهرجي؟ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو خوفِ خدا جو خُوگر ۽ وڏيڪ متقي هوندو. ان کان علاوه ڪيس گهرجي تہ هو دل کي متوجھ رکي ۽ الله پاڪ کان سواءِ هر شيءِ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏي. اعليٰ حضرت جن جي والد محترم، حضرت علامه مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نماز جي رازن کي لکندي، بارگاهِ ربوبيت ۾ قيام ڪرڻ بابت فرمائن ٿا: (نماز ۾ بيهي تہ سڄي توجہ نماز جي طرف هجڻ گهرجي) جيڪا ڳالھ دل ۾ هوندي آهي، ان جو اثر اقوال ۽ افعال ۾ ظاهر ٿيندو آهي. قولي اثر هي آهي تہ زبان سان چوندو آهي: "الله اڪبر، الله تمام وڏو آهي." علماء فرمائن ٿا: جيڪو تڪبير جي معنيٰ نٿو ڄاڻي سخت جاهل آهي ۽ جيڪو ڄاڻي ڪري خدا جي حضور پنهنجي نفس يا ٻئي جي طرف مائل آهي، اها شيءِ ان جي ويجهو خدا کان وڌيڪ وڏي ۽ ان نامراد جي مراد آهي، اصل ۾ معبود حقيقي آهي. ۽ فعلي اثر هي آهي تہ ان جي حضور ۾ نهايت خشوع ۽ خضوع سان هٿ ٻڌي بيهندو آهي. جيئن تہ هن مقام ۾ ٽن ڳالهين جو خيال رکڻ انتهائي ضروري آهي:

**پهرين ڳالھ :** ان بيهڻ کي خدا جو احسان سمجهي تہ مون جهڙي ناچيز کي پنهنجي بارگاھ ۾ گهرايو ۽ بيهڻ جي اجازت ڏني، جان ۽ دل اِن عنايت تي قربان ڪري تہ بجا آهي ۽ هر قسم جي دولت کي هن دولت جي مقابلي ۾ خاڪ سمجهي ۽ ان کي ٿُڏي تہ سهڻو (سٺو) لڳندو. نہ اِهو تہ پنهنجو ڪمال سمجهي ۽ حقيقي بادشاھ تي ناز ڪري.

**ٻين ڳالهه:** گنهگار ٻانهو ذليل ۽ خوار جيان، جنهن جي ڪوتاهي ڪان ان جو مالڪ واقف آهي، شرمندگيءَ سان سر جهڪائي ۽ پنهنجي هن حالت ڪي ڄڻ ائين سمجهي ته هڪ ڏينهن اهڙي طرح ان جي حضور ۾ بيهڻو آهي ۽ پنهنجين نافرمانيون جيڪي سڄي عمر ڪندو رهيو، ان جو حساب ڏيڻو آهي.

**ٽين ڳالهه:** جهڙي طرح ظاهري نظر قدم تي رکي ٿو، اندروني منهن جنابِ احديت جي طرف رکي، ڪنهن طرف منهن نه ڦيري ۽ نه دل کي غير جي طرف متوجه ڪري. ڄڻ ته ڪيس بادشاهه جبار جي سامهون بيهاريو ويو آهي ۽ حڪم ڏنو ويو آهي ته جيڪڏهن منهن ڦيريندو ته ماريو ويندو. (جواهر البيان، ص 52)

منهن کي زمين تي رکڻ يعني سجدي ڪرڻ ۾ وڏي حڪمت آهي جو ته اهو انساني جسم جو سڀ کان وڌيڪ معزز حصو آهي، ان کي زمين تي رکي انسان پنهنجي رب جي سامهون عاجزي ۽ تواضع جو اظهار ڪندو آهي ۽ پنهنجي دل کي دنياوي وقار کان هٽائيندو آهي ته جيئن الله جي بارگاهه ۾ عزت حاصل ڪري. جو ته ذلت ان جي سامهون فخر آهي ۽ ان جي سامهون سر جهڪائڻ عزت ۽ شان آهي. ان ۾ هڪ معنىٰ آهي نڪ کي ذليل ڪرڻ، جيڪو تڪبر ۽ شان و شوڪت جو مرڪز آهي، ان کي ذليل ڪرڻ لاءِ خاڪ تي رکڻ. جو ته خاڪ، جيڪا گندگي آهي، سڀ کان خسيس شيءِ آهي. ته ڄڻ اهو شخص چئي رهيو آهي ته اي رب! مون پنهنجي جسم جو سڀ کان معزز حصو جيڪو منهنجو چهرو آهي، سڀ کان خسيس شيءِ تي رکيو آهي ۽ مان تنهنجي بارگاهه ۾ بيٺل آهيان جو ته مان ڄاڻان ٿو ته تون رب الارباب آهين ۽ باقي سڀ تنهنجا غلام آهن، تنهنجي قدرت جي سامهون عاجزي، تنهنجي رحمت جو طالب ۽ تنهنجي اختيار جي تابع آهيان.

(حكمة التشريع وفلسفة، 1/ 77)

حڪيم الاُمّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نماز جي رڪنن جون حڪمتون بيان ڪندي لکن ٿا: نماز ۾ چار شيون پڙهيون وينديون آهن ۽ چار ڪم ڪيا ويندا آهن: (1) قرآن (2) تسبيحون (3) درود شريف ۽ (4) دعائون پڙهيون وينديون آهن ۽ (1) قيام (2) رڪوع (3) سجده (4) قعدا ڪيا ويندا آهن.

انهن چئني ڪمن ۾ ٻه حڪمتون آهن: هڪ هي ته انسان ۾ چار وصفون آهن، هو جماد (هڪجهڙي حالت ۾ رهڻ وارو) ٻه آهي، نامي (وڌڻ وارو) ٻه، حيوان ٻه آهي، انسان ٻه. جماد (جهڙوڪ جبل، زمين) جيان عبادت ۾ وينو هوندو آهي، حيوان جو اصل عبادت رڪوع ۾ رهڻ آهي، نبات (گاهه

وغيره) جي بندگي سجده ۽ انسان جي بندگي قيام آهي. جيئن تہ قرآن مان ثابت آهي. انڪري نماز ۾ انهن چئن عبادتن کي گڏ ڪيو ويو، انهي سان گڏ هي چار وصفَ انسان لاءِ رب ڪان پري ٿيڻ جو سبب بڻيان، جڻ تہ انسان چار درجا هيٺ لهي آيو، ان جي ترقي لاءِ چار ڪم مقرر ڪيا ويا. پيو هي تہ انسان ۾ باهہ، پاڻي، هوا، مٽي گڏ ٿيل آهي، باهہ جي خاصيت تڪبر ۽ غرور آهي، ان ڪري اها مٽي پڃندي آهي، ڏسو شيطان آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اڳيان نہ جهڪيو، پاڻي جو ڪم آهي ڦهلجڻ، خاڪ جي تاثير جمود ۽ بي حسي آهي، هوا جي تاثير شهوت آهي، جڻ تہ انسان انهن چئن مفردن جو معجون مرڪب آهي ۽ مفردات جو اثر معجون ۾ هوندو آهي. تنهنڪري انسان ۾ اهي چار ئي عيب موجود هئا، انهن جي علاج لاءِ اهي چار رڪن نماز ۾ قائم ڪيا ويا ۽ انهن رڪنن کي الله پاڪ جي مختلف ذڪرن سان پريو ويو تہ جيئن انهن عيبن کان پاڪائي حاصل ٿئي، جنهن جو بيان هن آيت ۾ آهي:

﴿اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ﴾ ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بُري ڳالھ کان روڪي ٿي. (پ21، العنڪبوت: 45)

﴿وَ قَالَ اللّٰهُ اِنِّیْ مَعَكُمْ ؕ لَىٕنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ﴾ (پ6، المآئدۃ: 12)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ الله فرمايو بيشڪ مان توهان سان گڏ آهيان ضرور جيڪڏهن توهان نماز قائم رکو.

(رسائل نعيميہ، اسرار الاحڪام، ص 285)

رڪوع ۽ سجدن جون ڪجھ حڪمتون ۽ فائدا امير اهل سنت دامتْ برڪاتهم العاليہ پنهنجي ڪتاب فيضانِ نماز ۾ ڪجھ هن ريت بيان فرمايا آهن: نماز ۾ بهترين ورزش آهي جو ان جي قيام ۾، رڪوع ۽ سجدي وغيره ڪرڻ سان بدن جا اڪثر جوڙ (Joints) حرڪت ڪندا آهن، نزلي زڪام جي مريض لاءِ ڏڳهو سجدو نهايت مفيد آهي، سجدي سان بند نڪ کلي ٿو، آندن ۾ گڏ ٿيندڙ غير ضروري مواد کي حرڪت ڏئي ڪيڻ ۾ سجدو ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿو. (فيضان نماز، ص 28)

جواهر البيان ۾ ٻين ارڪانِ نماز جي برعڪس هر رڪعت ۾ ٻن سجدن جي فرض هجڻ جون حڪمتون ڪجھ هن ريت بيان ڪيون ويون آهن: (1) سجدا ايمان جي دعوي جي شاهدن جي مرتبي ۾ آهي، حديث ۾ آهي: سجدي جو نشان قيامت جي ڏينهن پيشاني تي چمڪندو ۽ ثبوتِ دعويٰ لاءِ شرع ۾ ٻہ شاهد عادل مقرر آهن (2) يا هڪ سجدو جسم جي عبادت ۽ پيو روح جي عبادت جي طرف اشارو آهي (3) يا پهريون

سجدو عظمت ۽ جلالِ مولا جي لحاظ کان ۽ ٻيو پنهنجي عجز ۽ ذلت جو اظهار آهي (4) يا پهريون شڪرِ معرفت ۽ ٻيو اظهارِ خدمت (5) يا پهرين مان اِن مضمون ڏانهن ته ماڻهو زمين مان پيدا ٿيو ۽ ٻئي مان هن ڳالهه ڏانهن ته آخرڪار انجام زمين ۾ ئي ويندو، اشارو آهي. جڻ ته نمازي ٻنهي سجدن سان آيت سڳوري ﴿مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ﴾ (ترجمو ڪنز الايمان: اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو ۽ ان ۾ ئي توهان کي واپس وٺي ويندا سين) جي مضمون جو اقرار ڪندو آهي (6) يا پهريون حڪم تي عمل ڪرڻ ۽ ٻيو ترغيمِ شيطان (يعني شيطان کي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ لاءِ) آهي ته ان سجدي کان تڪبر ڪري پنهنجي سموري محنت ۽ رياضت برباد ڪئي (7) مبسوط ۾ آهي ٻئي سجدا شيطان جي ترغيم ۽ ان کي ساڙڻ ۽ ذليل ڪرڻ لاءِ آهن ته ان کي سجدي جو حڪم ٿيو، نه ٻجا آندو، اسين اهو فعل بار بار ڪندا آهيون. يعني ان جيڪڏهن لکين ڀيرا سجدو ڪيو پر سجدي جي انڪار سان ملعون ٿيو، جڏهن اسان اهو فعل بار بار ڪنداسين ۽ ان جي عوض وڏو ثواب حاصل ڪنداسين ته ضرور ان کي ندامت ۽ پنهنجي انڪار تي حسرت ٿيندي. جيئن ته اهو مضمون عين حديث مان ثابت آهي ته جڏهن ٻانهو سجده تلاوت ڪندو آهي ته شيطان روئيندو پري هليو ويندو آهي ۽ چوندو آهي ته هائي افسوس! ان کي سجدي جو حڪم ٿيو، ٻجا آندو، جنت جو مستحق ٿيو، مون انڪار ڪيو ۽ دوزخي ٿيس. (مسلم، ص58، حديث: 244) سجودِ سهو جي نسبت ارشاد ٿيو: ٻئي سجدا شيطان جي ذلت ۽ خواري هوندا. (8) ۽ شيخ الاسلام سجدن جي تڪرار ۾ هي نڪتو لکن ٿا ته جناب باري تعاليٰ جڏهن بني آدم کان ميثاق (پڪو عهد) ورتو ته سجدي جو حڪم ڪيو ته جيئن فعل قول جي مطابق هجي، مسلمان سجدي ۾ ويا، ڪافر نه ڪري سگهيا، جڏهن مسلمانن سجدي مان سر ڪنيو ۽ پنهنجو پاڻ کي ان عظيم دولت سان مخصوص ڏٺو ته توفيقِ الٰهي جو شڪر سجدي سان ڪيو، اهي ٻه سجدا نماز ۾ مقرر ٿيا. (جواهر البيان، ص68 تا 69)

نماز جي اختتام يعني خروج بصنعهٖ بابت مفتي نقي علي خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پوءِ پنهنجي ۽ پنهنجي والدين ۽ مسلمانن لاءِ دعاءِ مغفرت ۽ حاضرين دربار کي سلام ڪري رخصت ٿيندو آهي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ الله، نَسۡئَلُ تَوۡفِيۡقَ الۡعَمَلِ مِنَ اللّٰهِ. (جواهر البيان، ص61)



# فيصلي جي قوت

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

شافع اُمت، مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ مان محسوس شين تي بہ نوازشون ٿينديون هيون ۽ غير محسوس شين تي بہ عطائون ٿينديون هيون. اچو تہ حضور اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان غير محسوس شيءِ تي هڪ عظيم الشان عطا بابت هڪ پيارو معجزو پڙهون.

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائي ٿو تہ الله پاڪ جي آخري نبي، مکي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي يمن جو گورنر مقرر ڪرڻ لاءِ گهرايو تہ مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول! مان تہ نوجوان آهيان، فيصلي جي هنر ۽ فن جي مون کي ڪا بہ خبر ناهي.

تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي سيني تي بہ يا ٽي ڀيرا هٿ هنيو ۽ ان وقت هي دعا بہ ڪري رهيا هئا: اي الله! هن جي دل کي هدايت ڏي ۽ ان جي زبان کي مضبوط ۽ ثابت رک.

حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ، دستِ مصطفيٰ جي برڪت ۽ دعاءِ نبوي جي نتيجي ۾ پنهنجا احساسَ بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ ائين لڳو ڄڻ سڄو علم مون وٽ اچي ويو ۽ منهنجي دل علم ۽ سمجهہ سان ڀري وئي (۽ رڳو اهو ئي نہ پر) پوءِ ڪڏهن بہ مون کي ٻن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندي ذري برابر بہ تردّد يا شڪ محسوس نہ ٿيو. (ڏسو: ابن ماجه، 3/90، حديث:2310، كنز العمال، 7 / 55، حديث: 36393)

دستِ مبارڪ جي ڇُهڻ ۽ دعاءِ نبوي جي بدولت اوچتو ئي حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي علم ۽ فهم جو ملڻ ۽ آئنده ٻن ڌرين ۾ فيصلو ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت حاصل ٿيڻ حضور اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري معجزي جو مظهر آهي.

هن معجزي مان ڪجهہ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

جيڪو الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ۾ هوندو ان جا معاملا آسان ۽ مشڪلون حل ٿي ويند يون آهن.

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا روحاني طاقت جو ذريعو آهي جيڪا ذهني پريشانين کي دور ڪري ٿي.

عهدو ۽ منصب حاصل ٿيڻ ڪان وڌيڪ ان جو حق پورو ڪرڻ جو فڪر هجڻ گهرجي.

صحيح فيصلا ڪرڻ لاءِ دل جي هدايت ۽ زبان جي ثابت قدمي ٻئي ضروري آهن.

بزرگن جي سامهون عاجزي ڪرڻ سٺي ڳالهہ آهي ۽ پنهنجي عجز (يعني نا اهل هجڻ) جو اظهار ڪرڻ عيب ناهي.

الله وارا پنهنجي دورانديش نگاھ سان ڄاڻي وٺندا آهن تہ ڪير ڪنهن لاءِ قابل آهي.



# ٽائم نٿو ملي

مولانا حيدر علي مدني

سر بلال ڪلاس روم ۾ گهمي ڦري ٻارن جو هوم ورڪ چيڪ ڪري رهيو هو، جڏهن تہ ڪجهہ ٻار جيڪي هوم ورڪ ڪري نہ آيا هئا اهي پاڻ ئي اٿي ڪلاس روم جي آخر ۾ هڪ قطار ۾ بيٺا هئا. سر بلال ويٺل ٻارن جو هوم ورڪ چيڪ ڪري چڪو تہ پوئتي بيٺل ٻارن ڏانهن متوجهہ ٿيو. هر هڪ وٽ هوم ورڪ نہ ڪرڻ جو پنهنجو پنهنجو بهانو هو، ڪنهن جي گهر مهمان آيا هئا تہ ڪنهن کي مهمان ٻڌجي وڃڻو پيو هو. هڪ تہ اهو ئي مشهور بهانو ورجايو تہ استاد سائين وسري ويو هو، هڪ ٻار تہ اهڙي ڳالهہ ڪئي جو سڄو ڪلاس مسڪرائڻ لڳو، جڏهن تہ سر حيرت مان ان ڏانهن ڏسي رهيو هو. ٻار چيو: سائين وقت ئي نہ مليو.

اڙي پٽ، لڳي ٿو تہ هاڻي وزيراعظم ٻڻجڻ سبب توهان جون مصروفيتون ايتريون وڌي ويون آهن جو هوم ورڪ لاءِ وقت ئي نہ ٿو ملي،' سر بلال جي ڳالهہ تي اهو ٻار بہ مسڪرائڻ لڳو. سر بلال سزا طور بيٺل سيني ٻارن کي واپس پنهنجي پنهنجي جاين تي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي ٽيبل وٽ اچي ان جي سهاري تي ٻارن ڏانهن منهن ڪري بيٺو. ٻارو! اسان جو مسئلو وقت جي کوٽ ناهي پر وقت جو بهترين استعمال نہ ڪرڻ آهي. مسلمانن جو هڪ تمام وڏو امام حضرت امام شافعي گذريو آهي، اهو فرمائي ٿو تہ اسان کي بزرگن سان گڏ رهي اهو سکڻ لاءِ مليو آهي تہ وقت تلوار وانگر هوندو آهي، جيڪڏهن توهان ان کي نہ ڪٽيندا تہ اهو توهان کي ڪٽي ڇڏيندو. (انمول ہیرے، ص17)

معاويہ: پر سائين وقت کي ڪيئن ڪٽي سگهجي ٿو؟

سربلال: مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن وقت کي نيڪ ۽ سٺن ڪمن ۾ مشغول رهي نہ گذاريندا تہ فضوليات ۽ غلط ڪمن ۾ مشغول ڪري اهو توهان کي ڪٽي ڇڏيندو.

ڏسو ٻارو! هڪ ڏينهن ۾ چوويهہ ڪلاڪ يعني هڪ هزار چار سو چاليهہ منٽ هوندا آهن جيڪي الله پاڪ طرفان هر هڪ کي ملندا آهن. اوهان مان ڪو بہ ٻار اٿي اهو نہ چئي سگهي تہ استاد سائين ڪلهہ يا ٽيون ڏينهن مون کي منهنجي منٽن مان ڏهہ، ويهہ يا پنجاهہ منٽ گهٽ مليا هئا. ائين ئي آهي نہ؟ سر مسڪرائيندي پڇيو.

جي جي سائين، سيني ٻارن چيو.

سر بلال: تہ پوءِ ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو

تہ هڪ ڀار تہ پنهنجا سيئي ڪم انهن چوويهہ ڪلاڪن ۾ پورا ڪري وٺي جڏهن تہ ٻيو نہ ڪري سگهي. دراصل فرق ڪلاڪن جو ناهي پر مصروفيتن جو آهي، يعني اسان پل ۾ يا ڄاڻي واڻي پنهنجين مصروفيتن ۾ اهڙيون فضول شيون شامل ڪري ويهندا آهيون جو اسان جي ضروري ڪمن لاءِ اهي چوويهہ ڪلاڪ بہ گهٽ پئجي ويندا آهن. بهرحال، مون کي هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌايو تہ جڏهن کان اها ڪائنات ٺهي آهي، ڏينهن چوويهہ ڪلاڪن جو ئي آهي نہ؟ تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ انهن ئي چوويهہ ڪلاڪن جو استعمال ڪندي اسان جا بزرگ ايترين گهڻيون عبادتون ڪرڻ سان گڏوگڏ دين اسلام لاءِ عظيم ڪم ڪري ويندا هئا.

توهان کي خبر آهي تہ جمادي الاوليٰ جي مهيني ۾ اسين هڪ عظيم هستي کي ياد ڪندا آهيون جنهن کي امام جلال الدين سيوطي چيو ويندو آهي. پاڻ ايترا وڏا عاشقِ رسول هئا جو سندن کي جاڳندي اکين سان 75 ڀيرا اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي هئي.

75 ڀيرا؟؟ اسيد رضا حيرت مان پڪ ڪرڻ چاهيو.

سر بلال: جي جي پٽ، 75 ڀيرا ئي چئي رهيو آهيان. هاڻي اهڙن عظيم بزرگن جو شاگرد چوي ٿو تہ مون پنهنجي استاد محترم کي ڏٺو تہ هڪ ڏينهن ۾ ٽي ٽي ڪاپيون لکندا هئا.

ٽي ڪاپيون؟ سر ڪين بہ هوم ورڪ ملندو هو ڇا؟ پوئين قطار مان هڪ ٻار پڇيو.

نہ پٽ، پهرين پرنٽنگ پريس تہ هوندي ئي نہ هئي تہ بزرگ هٿ سان ئي پنهنجا ڪتابَ لکندا هئا ۽ ڏهہ ڏهہ صفحن جي هڪ ڪاپي ٺهندي هئي جنهن کي عربيءَ ۾ "ڪراسة" چوندا آهن تہ مطلب اهو ٿيو تہ امام سيوطي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ روزانو ٽيهہ ورق ڪتابن جا لکندا هئا، سر بلال مسڪرائيندي تفصيل سان جواب ڏنو. ۽ توهان کي خبر آهي تہ هن پنهنجو ڪتاب ڪهڙي عمر ۾ لکيو هئو؟

صرف سترهن سالن جي عمر ۾، جنهن عمر ۾ اسان کي راندين کان ئي فرصت ناهي ملندي ان عمر ۾ حضرت امام سيوطي علم حاصل ڪري پنهنجا مقصد بہ حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا، ان ڪري تہ بزرگ فرمائن ٿا تہ پاڻ پنهنجي سڄي زندگي ۾ 600 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن.

تہ ٻارؤ، ڳالهہ اها ئي آهي تہ جيڪڏهن توهان وقت کي ضايع ڪندا تہ وقت توهان کي ضايع ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان وقت جو خيال رکندا تہ وقت توهان کي اهڙو ٺاهي ڇڏيندو جو دنيا توهان کي سلام ڪندي.



# ڏيئرن کي گھر جا ڪم ڪار سيکارڻ

اُمِّ ميلاد عطاريہ

عورت خدا جي هڪ عظيم نعمت آهي جيڪا انساني سماج جي تعمير ۽ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. جيڪڏهن عورت نہ هجي ها تہ دنيا جي رونق، محبت ۽ خوبصورتي ختم ٿي وڃي ها. هوءَ ننڍپڻ ۾ پائرن ۽ ڀينرن سان محبت ڪندي آهي، شادي ڪان پوءِ مڙس جي وفادار ساٿي بڻجي ويندي آهي ۽ ماءُ بڻجي اولاد تي پنهنجي محبت ۽ قرباني گھور ڪندي آهي. اسلام ڪان پهريان عورت جي ڪا بہ عزت نہ هئي، هوءَ وراثت، ملڪيت ۽ معاشرتي حقن ڪان محروم هئي، ظلم سهندي هئي ۽ بي وسيءَ جي زندگي گذاريندي هئي. پر جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دين اسلام جو پيغام کڻي آيا تہ عورت جي مقام ۾ انقلابي تبديلي آئي، کيس عزت، وراثت ۾ حصو، مالڪاڻا حق ۽ معاشرتي حيثيت ڏني وئي، اهڙيءَ طرح هوءَ سماج ۾ ذليل ٿيڻ بدران گھر جي راڻي بڻجي وئي. عورت جي زندگي مختلف مرحلن مان گذرندي آهي. جوان ٿيڻ ڪان پوءِ عورت جي شخصيت نکرندي آهي ۽ هوءَ معاشرتي ذميوارين لاءِ تيار ٿيندي آهي. زال بڻجڻ ڪان پوءِ هوءَ گھر جي نگهبان، مڙس جي ساٿي، ۽ خاندان جي بنياد بڻجندي آهي. ماءُ بڻجڻ ڪان پوءِ هوءَ محبت، قرباني، ۽ تربيت جو عظيم مثال بڻجي ويندي آهي.

اڄ جي جديد دور ۾ جتي ڇوڪرين جي تعليم، هنر ۽ شعور کي تمام گھڻي اَهميت حاصل آهي، اتي ئي گھريلو زندگي جي بنيادي تربيت بہ تمام ضروري آهي. مائرون پنهنجي ڌيئرن کي تعليم ڏيارڻ ۾ جيترو خلوص ڏيکارينديون آهن، امتحانن دوران انهن جي آرام جو جيترو خيال رکنديون آهن، اوترو ئي ضروري آهي تہ اهي پنهنجي ڌيئرن کي نرمي ۽ محبت سان گھريلو ذميواريون نڀائڻ بہ سيکارين. اڪثر مائرون ڌيئرن کي ننڍپڻ ڪان ئي گھر جي ڪمن ڪان آزاد رکنديون آهن ۽ اوچتو شادي ڪان پوءِ انهن ڪان هر گھريلو ڪم جي اميد ڪئي ويندي آهي، جنهن ڪري ڇوڪري کي شرمندگي، ناپختگي ۽ گھريلو تڪرار پيش ايندا آهن. جيڪڏهن ڇوڪري ڀاڄي، اٽو، مصالحا يا چانهہ بہ ٺاهڻ نہ ڄاڻي تہ ساهرن ۾ بي سمجھہ، پريشاني ۽ ڪڏهن ڪڏهن ذلت جو مقابلو ڪندي آهي. اهڙي صورت ۾ هوءَ پاڻ کي ناڪام محسوس ڪندي آهي ۽ ماءُ ڪان فون تي مدد گھرندي آهي، حالانڪ جيڪڏهن کيس وقت تي پيار سان ڪاڌو پچائڻ، صفائي، سٽرائي، ۽ ڪِچن جا ڪم ڪار سيکاريا وڃن تہ هوءَ شادي ڪان پوءِ اعتماد سان نئين زندگي شروع ڪري سگھي ٿي. ان ڪري هر ماءُ تي لازم آهي تہ هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي تعليم سان گڏ گھريلو هنر بہ ضرور سيکاري تہ جيئن هوءَ دنيا ۾ با عزت، خوشحال زندگي گذاري ۽ آخرت ۾ بہ ڪامياب ٿئي.

ڌيءَ جي تربيت ۾ اعتدال ۽ توازن تمام ضروري آهي. ائين نہ ٿئي جو سڄو زور صرف گھريلو ڪمن تي ڏنو وڃي ۽ ڌيءَ کي تعليم ۽ شعور ڪان ئي محروم ڪري ڇڏجي، ۽ نہ ئي اهڙو سخت رويو اختيار ڪيو وڃي جو هوءَ گھريلو ڪمن ڪان ئي جيءُ چورائي ۽ هميشہ انهن ڪان پڇڻ جو رستو ڳوليندي رهي. ڌيءَ کي محبت،

نرمي ۽ حڪمت عملي سان ائين سيکاريو وڃي ته هوءَ تعليم سان گڏوگڏ گهريلو ڪمن ۾ به دلچسپي وٺي، ۽ فارغ وقت ۾ صرف آرام يا شڪايت ڪرڻ بدران پنهنجي ماءُ سان هٿ ونڊائي. وقت اچڻ تي ڪيس اهو سمجهايو وڃي ته شادي کان پوءِ زندگي بدلجي ويندي آهي، ۽ گهر جو نظام سنڀالڻ، مڙس سان نڀاءُ ڪرڻ ۽ سليقي سان رهڻ هڪ عورت جي حسن سلوڪ جي علامت آهي. هوءَ پنهنجي ماءُ يا تجربيڪار عورتن کان سکي ته هڪ زال ۽ ننهن کي ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، ته جيئن نه هوءَ شريعت جي نظر ۾ ڪوتاهي ڪري، نه ساهرن ۾ شرمندگي محسوس ڪري، ۽ نه ئي سماج جا طعنا سهڻا پون، بلڪ وقار، سليقي، علم ۽ هنر سان پنهنجي اِزدواجي زندگي جو ڪامياب آغاز ڪري سگهي.

عورت جي فرضن ۾ اهو به شامل آهي ته جيڪڏهن مڙس غريب هجي ۽ نوڪرياڻي رکڻ جي سَگهه نه رکندو هجي ته عورت پنهنجي گهر جو ڪم پاڻ ڪري، ان ۾ نه ڪا ذلت آهي نه شرم. بخاري شريف جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي، خاتون جنت حضرت فاطمه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا به پنهنجي گهر جو سڄو ڪم پنهنجي هٿن سان ڪنديون هيون، کوهه مان پاڻي ڀرڻ، جنڊ هلائڻ ايتري قدر جو هٿن ۾ لڦون پئجي وينديون هيون. اهڙيءَ طرح حضرت اسماء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا به پنهنجي غريب مڙس حضرت زبير رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي گهر جو سڄو ڪم ڪنديون هيون، گهوڙي جو گاهه ڪٽي اينديون هيون ۽ ان جي مالش به پاڻ ڪنديون هيون. گهريلو ڪم سان گڏوگڏ عبادت، علم حديث و فقه ۾ مهارت، ۽ مڙس جي خدمت اهو سڀ ان ڳالهه جو دليل آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون گهرواريون نهايت باعمل، پاڪيزه ۽ باوقار زندگي گذارينديون هيون، هڪ لمحو به ضايع نه ڪنديون هيون. اي پياريون ڀينرون! ڪاش اسان جي زندگين ۾ به انهن مقدس هستين جي جهلڪ اچي وڃي، ته اسان جي زندگي به جنت جو نمونو بڻجي وڃي.

ڇوڪرين کي گهريلو ڪمن ۾ بنيادي هنر ۽ سليقو محبت سان سيکارڻ گهرجن ته جيئن اهي زندگي جي هر مرحلي ۾ خود ڪفيل ۽ بااعتماد بڻجي سگهن. انهن ۾ آسان دستڪاريون جهڙوڪ سوئيٽر ٺاهڻ، جوراب، ٽوپيون، ڪپڙا سلائي، هٿ سان ٽانڪا لڳائڻ شامل آهن. کاڌو رڌڻ ۾ ماني، دال، ڀاڄيون، گوشت، مرغي، قيمو، ڪليجي، پڪوڙا، پلاءُ وغيره روز جا کاڌا ۽ خاص موقعن لاءِ برياني، قورمو، ڪوفتا، ڪڙهائي ۽ هر خاندان جي ذوق مطابق خاص کاڌا ٺاهڻ اچن، مثال طور پنجابي گهراڻن ۾ ساڳ ۽ مڪئي جي ماني. اهڙيءَ طرح اچار، چٽڻيون، مربا ۽ موسمي مشروبات جهڙوڪ لسّي، ستو، ليمون پاڻي، ملڪ شيڪ، انب يا ڪيلي جو جوس وغيره ٺاهڻ به سيکاريو وڃي. بيماري يا حادثي جي صورت ۾ ابتدائي طبي امداد جهڙوڪ سڙڻ، ڪٽڻ، سَٽ اچڻ، درد، بخار، بلڊ پريشر يا شوگر جي حالت ۾ جلدي ڪوشش ڪرڻ تمام ضروري آهي. صفائي ۾ هي اصول واضح هجن ته اوٻاريل يا دوا لڳل ٿانو هرگز استعمال نه ڪيا وڃن، بلڪ ڌوئي ترتيب سان رکيا وڃن. هفتي ۾ هڪ ڏينهن مڪمل صفائي لاءِ مقرر هجي ته جيئن گهر صاف سٿرو ۽ جراثيمن کان پاڪ رهي. جيڪي ڇوڪريون هي هنر سليقي سان سکي وٺن ٿيون، اهي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! ڪڏهن به ڪنهن جون محتاج نه بڻجنديون، بلڪ هڪ باوقار، بااعتماد ۽ باعمل خاتون جي طور تي زندگي گذارينديون.



# رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو قرب ڏياريندڙ نيڪيون

مولانا شهزاد يونس عطاري مدني

انسان تقوا ۽ پرهيزگاريءَ جي چاهي ڪيتري ئي بلند مقام تي ڇو نہ پهچي وڃي، ان کي پنهنجي اصل منزل يعني قبر ۽ آخرت جي تياري کان ڪڏهن بہ غافل نہ ٿيڻ گهرجي. بلاشڪ، نيڪ عملن جي توفيق ملڻ الله ڪريم جي عظيم نعمتن مان هڪ آهي، تنهنڪري اسان کي هر لمحي ان مالڪِ ڪائنات جو شڪرگذار رهڻ گهرجي تہ ان اسان کي هن فاني دنيا ۾ نيڪيون ڪمائڻ جو موقعو عنايت فرمايو ۽ انهن سڀني نيڪين جو روح ۽ سڀ کان عظيم وسيلو، جيڪو ٻانهي کي بارگاهِ الهيٰ ۾ مقبول ۽ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قرب سان سرفراز ڪري ٿو، اهو حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت آهي. اها ئي محبت دراصل ايمان جي ڪامل هجڻ جي سڀ کان وڏي دليل ۽ سڃاڻپ آهي. اچو! ان ئي محبت جي نور سان پنهنجي دلين کي منور ڪرڻ لاءِ ايمان افروز روايتون پڙهون ۽ پنهنجي روح کي تازگي بخشيون، جيئن تہ:

## رسول سان محبت

**(1)** حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! قيامت ڪڏهن ٿيندي؟ فرمايو: افسوس تو تي تو ان جي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟ ان عرض ڪيو: مون ان جي ڪا تياري نہ ڪئي آهي سواءِ ان جي تہ مان الله پاڪ ۽ ان جي رسول سان محبت ڪندو آهيان. فرمايو: تو ان سان گڏ هوندين جنهن سان تو کي محبت هجي، حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: مون مسلمانن کي اسلام کان پوءِ ڪنهن بہ شيءِ تي ايترو خوش ٿيندي نہ ڏٺو جيترو اهي ان ڳالھ تي خوش ٿيا هئا. (1)

هي صاحب وڏا متقي، پرهيزگار، عبادت گذار هئا، پر هنن پنهنجي عملن کي قيامت جي تياري قرار نہ ڏنو تہ اهي سڀ نيڪيون تہ الله جي نعمتن جو شڪريو آهن جيڪي مون کي دنيا ۾ ملي چڪيون ۽ ملي رهيون آهن، آخرت جي تياري رڳو اها آهي تہ مون کي هن ڪونين جي سردار سان محبت آهي. (2)

حضرت علامہ ملا علي قاري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن روايت جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ڇو تہ اهي سڀ محبت جون ئي شاخون آهن جيڪي انهي تي مرتب ٿينديون آهن ۽ ان لاءِ تہ محبت ئي (راهِ حق جي) مسافرن جي سڀ کان اعليٰ منزل ۽ (بلندين ڏانهن) پرواز ڪرڻ وارن جو سڀ کان بلند ترين مقام آهي ۽ اها ئي محبت الله پاڪ جي محبت جو باعث يا ان جو نتيجو آهي. (3)

## آخرت ۾ قرب رسول

**(2)** حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ شخص رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان ان شخص بابت ڇا فرمايو ٿا جيڪو (نيڪ) ماڻهن سان محبت ڪندو آهي، پر (اعمال ۾) انهن جي مرتبي تائين نہ پهچي سگهيو؟ رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ“ يعني ماڻهو (قيامت جي ڏينهن) انهي سان گڏ هوندو جنهن سان هو محبت ڪندو. (4)

امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن باب ۾ بيان ڪيل حديث جي هن حصي: "ماڻهو انهي سان گڏ هوندو جنهن سان هو محبت ڪندو" مان ان طرف اشارو ڪيو آهي ته محبت جي ان دعويٰ جو معيار جيڪو (آخرت ۾) قرب ۽ نزديڪي جو باعث بڻجي ٿو، اهو پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اتباع (يعني پيروي) ئي آهي.[5]

## اڻ ڏٺي محبت ڪرڻ وارا

**(3)** حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي اُمَّت ۾ مون کان شديد محبت رکندڙن مان اهي ماڻهو هوندا جيڪي اسان کان پوءِ پيدا ٿيندا. انهن مان هر هڪ ان ڳالھ جي تمنا ڪندو ته هو پنهنجي گهر ٻار ۽ مال جي بدلي اسان جي زيارت ڪري ها.[6]

يعني پنهنجي اهل و عيال ۽ مال و اسباب کي قربان ڪري ها ۽ اسان جي جمال جي زيارت ڪري ها، بيداري (يعني جاڳندي) ۾ يا خواب ۾.[7] اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن دل ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت هوندي ۽ اها ئي محبت آهي جيڪا آخرت ۾ قرب رسول حاصل ڪرڻ جو سبب هوندي، اِنْ شَآءَ الله.

## سيني ماڻهن کان پيارو

**(4)** نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اوهان مان ڪو به مؤمن نه ٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان کي ماءُ، پيءُ، اولاد ۽ سيني ماڻهن کان پيارو نه ٿي وڃان.[8]

اي عاشقانِ رسول! ماءُ پيءُ کي اولاد کان ۽ اولاد کي ماءُ پيءُ کان طبعي اُلفت ۽ محبت هوندي آهي، اها ئي محبت حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ هجڻ گهرجي ۽ الحمد لله الڪريم هر مؤمن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جان ۽ مال ۽ اولاد کان وڌيڪ پيارا آهن.

## ڪامل ايمان جي نشاني

**(5)** هڪ دفعي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان سواءِ منهنجي جان جي مون کي هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب آهيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اوهان مان ڪو به هرگز مومن (ڪامل) نه ٿي سگهندو جيستائين مان ان کي ان جي جان کان وڌيڪ محبوب نه ٿي وڃان. اهو ٻڌي حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ عرض ڪيو: ان ذات جو قسم! جنهن اوهان تي ڪتاب نازل فرمايو، بيشڪ اوهان مون کي منهنجي جان کان به وڌيڪ محبوب آهيو. ان تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْاٰنَ يَا عُمَر يعني اي عمر! هاڻي اوهان جو ايمان ڪامل ٿي ويو.[9]

**(6) هڪ روايت ۾ آهي:** جنهن ۾ ٽي شيون هونديون ان کي ايمان جي حلاوت (مٺاڻ) ملندي، انهن مان هڪ هيءَ آهي ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول سان سيني کان وڌيڪ محبت هجي.[10]

الله ڪريم اسان کي سڀ کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان دل و جان سان محبت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1) بخاري، 4/146،حديث:6167
(2) مراۃ المناجيح، 6/589
(3) مرقاة، 8/740، تحت الحديث: 5009
(4) بخاري، 4/147،حديث: 6169
(5) الكوثر الجاري، 9/509، حديث:6169
(6) مسلم، ص1164، حديث:7145
(7) اشعۃ اللمعات، 4/759
(8) بخاري، 1/17،حديث:15
(9) بخاري،4/283،حديث: 6632
(10) نسائي، ص798،حديث: 4998



# تجارت جا احڪام

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

### (1) بيع استصناع ۾ پهريان تيار ٿيل مال وڪڻڻ ڪيئن؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته اسان سرجيڪل آئٽم آرڊر تي تيار ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽ پهريان ئي ڪجهه آئٽم تيار موجود هوندا آهن تہ آرڊر اچڻ ڪان پوءِ نئين سر مينيو فيڪچرنگ ڪرڻ بدران پاڻ وٽ اڳ ۾ موجود آئٽم، جيڪي ڪسٽمر جي ڊمانڊ مطابق هوندا آهن، اهي ڪٽي ڏئي ڇڏيندا آهيون. ڇا اسان جو ائين ڪرڻ درست آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ توهان جو آرڊر اچڻ ڪان پوءِ پهريان تيار ٿيل سامان ڪسٽمر کي ڏيڻ جائز آهي، جڏهن تہ اهو سامان ڪسٽمر جي ڊمانڊ مطابق هجي.

مسئلي جي تفصيل ڪجهه هن ريت آهي ته توهان جو مٿئين طريقي سان آرڊر تي سامان تيار ڪري وڪڻڻ "بيع استصناع" يعني آرڊر جي بيع سڏبو آهي ۽ بيع استصناع ۾ مستصنع (آرڊر ڏيندڙ) کي هي اختيار هوندو آهي تہ هو آرڊر اچڻ ڪان پوءِ سامان تيار ڪري يا پهريان تيار ٿيل سامان جيڪو ڪسٽمر جي ڊمانڊ مطابق هجي، اهو ڏئي ڇڏي. ان ڪري توهان لاءِ ائين ڪرڻ شرعاً جائز آهي.

بهارِ شريعت ۾ آهي: استصناع ۾ جنهن شيءِ تي عقد آهي اها شيءِ آهي، ڪاريگر جو عمل معقود عليہ نہ آهي، ان ڪري جيڪڏهن ٻئي جي ٺاهيل شيءِ آندي يا عقد کان اڳ ٺاهي ڇڪو هو اها آندي ۽ هن اها ڪٽي ورتي تہ درست آهي ۽ عمل معقود عليه هوندو تہ درست نہ ٿيندو.

(بهار شريعت، 808/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

### (2) ايڊوانس اُجرت جي صورت ۾ ڊسڪائونٽ ڏيڻ جو حڪم

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ مان هڪ فيڪٽري واري ڪان ليس ڪلر ڪرائيندو آهيان، هر 14 گز ليس ڊائي يعني رنگ ڪرڻ جا 700 روپيا وٺندو آهي. هو مون کي هي آفر ڏئي رهيو آهي تہ جيڪڏهن توهان مون کي ڊائي جا ايڊوانس پئسا ڏيو تہ مان توهان کي 600 روپين ۾ 14 گز ليس ڊائي ڪري ڏيندس.

چا مان ان کي ايڊوانس پئسا ڏئي 700 جي جاءِ تي 600 روپين جي حساب سان اجرت ڏئي سگھان ٿو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇيل صورت ۾ فيڪٽري واري جي ڏنل ايڊوانس اجرت جي مطالبي تي توهان جو ايڊوانس اجرت ڏيڻ ۽ ان ۾ گھٽتائي ڪرائڻ جائز آهي.

هن مسئلي جي تفصيل اها آهي ته توهان جو فيڪٽري واري کان ليس ڏنل ڪرائڻ، عقدِ اجاره آهي ۽ عقدِ اجاره ۾ ڪجھ شين سان اجرت جو استحقاق(حقدار ٿيڻ) هوندو آهي انهن مان هڪ اڳواٽ (Advance) اجرت وٺڻ جي شرط آهي. ان ڪري پڇيل صورت ۾ فيڪٽري واري کي ڏنل جي ايڊوانس اجرت ڏيندي اجرت ۾ گھٽتائي ڪرائڻ شرعي اعتبار سان جائز آهي ۽ هي ايڊوانس ڏنل مڪمل رقم اجرت آهي، ڪنهن به قسم جو قرض نه آهي جنهن جي بنياد تي اجرت ۾ گھٽتائي ڪرائڻ کي ناجائز چيو وڃي.

صدر الشريعہ بدر الطريقہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بهار شريعت ۾ لکن ٿا: اجاره ۾ اُجرت صرف عقد سان ملڪيت ۾ داخل نه ٿيندي آهي يعني عقد ڪندي ئي اجرت جو مطالبو درست نه آهي يعني فوري طور اجرت ڏيڻ واجب نه آهي. اجرت جو مالڪ ٿيڻ جون ڪجھ صورتون آهن: (1) هن پهريان عقد ڪندي ئي اجرت ڏئي ڇڏي، پيو ان جو مالڪ ٿي ويو يعني واپس وٺڻ جو ان کي حق نه آهي، (2) يا اڳواٽ وٺڻ جو شرط رکيو هجي هاڻي اجرت جو مطالبو پهريان ئي درست آهي، (3) يا فائدو حاصل ڪري ورتو مثال طور گھر هو ان ۾ مقرر مدت تائين رهيو يا ڪپڙو درزي کي سبڻ لاءِ ڏنو هو ان سُبي ڇڏيو، (4) اها شيءِ مستاجر (اجارو ڪرڻ واري) جي حوالي ڪري ڇڏي ته جيڪڏهن هو فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ته ڪري سگھي ٿو، نه ڪري اهو ان جو فعل آهي مثال طور گھر تي قبضو ڏئي ڇڏيو يا اجير پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري ڇڏيو ته مان حاضر آهيان ڪم لاءِ تيار آهيان ڪم نه ورتو ويو تڏهن به اُجرت جو مستحق آهي.“

(بهار شريعت، 110/3)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) غير مسلم حڪومت کان الائونس وٺڻ ڪيئن؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته مان ڪجھ عرصو پهريان پاڪستان کان بيلجيم جي شهر برسلز ۾

رهڻ ويو هيس ۽ اتي تقريباً ڏيڍ سال مون هڪ ڪمپني ۾ نوڪري ڪئي، هاڻي منهنجي اها نوڪري ختم ٿي وئي آهي ۽ مان بيروزگار آهيان. سوال منهنجو هي آهي تہ هتان جي گورنمنٽ جيڪا غير مسلمانن جي آهي اها بيروزگارن کي پنهنجي طرفان الائونس ڏيندي آهي تہ منهنجو گورنمنٽ کان اهو الائونس وٺڻ ڪيئن آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڪينگرو (Kangaroo) شرعاً حلال جانور آهي؛ ڇاڪاڻ تہ شرعي طور تي اهي جانور حرام هوندا آهن جيڪي نوڪدار ڏندن سان شڪار ڪندا هجن، جڏهن تہ ڪينگرو اهڙو جانور نہ آهي بلڪ هڪ سبزي خور (Herbivore) جانور آهي جيڪو رڳو گاهہ ۽ وڻن جا پن وغيره کائيندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# دارالافتاء اهل سنت

مفتي هاشم خان عطاري مدني

## (1) مرغيءَ جي رت سان لکيل تعويذ جو حڪم؟

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته جيڪڏهن مرغيءَ جي رت سان لکيل تعويذ ڳچيءَ ۾ پاتل هجي ته اها نماز قبول ٿيندي يا نه؟ تعويذ لکڻ ۾ رت ايترو استعمال ٿيندو آهي، جيڪو وهڻ جي مقدار ۾ هجي، ڇا ان تعويذ کي ڪپڙن يا جسم تي لڳل نجاست وانگر ناپاڪ تصور ڪيو ويندو يا نه؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پهرين ته اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته رت سان تعويذ لکڻ ناجائز ۽ گناهه آهي، ان ڪري ان کان پرهيز ڪيو وڃي ۽ ان جي بدران مشڪ سان لکيو وڃي، ڇو ته ان جو اصل به رت ئي آهي. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: ”ايئن ئي مِرگهي وغيره جي لاءِ جيڪو تعويذ مرغيءَ جي رت سان لکندا آهن، اهو به ناجائز آهن، ان جي عوض مشڪ سان لکن ته اهو به اصل ۾ رت آهي.“ (فتاويٰ رضويه، 196/24)

**پُڇيل صورت جو حڪم:** ۽ جيتريقدر وهڻ جي مقدار واري رت سان لکيل تعويذ کي پائي نماز پڙهڻ جو حڪم آهي ته ان جو تفصيل هيءُ آهي:

**(الف)** جيڪڏهن اهو رت درهم جي مقدار کان وڌيڪ هجي ته اهڙي صورت ۾ ان کي پائي نماز پڙهڻ سان نماز نه ٿيندي ۽ قصداً ان کي پائي نماز پڙهڻ ناجائز ۽ گناهه به آهي.

**(ب)** ۽ جيڪڏهن درهم جي مقدار برابر هجي ته اهڙي صورت ۾ ان کي پائي نماز پڙهڻ مڪروهه تحريمي، ۽ واجب الاعاده هوندي. ۽ قصداً ان کي پائي نماز پڙهڻ ناجائز ۽ گناهه به آهي.

**(ج)** ۽ جيڪڏهن درهم کان گهٽ مقدار هجي ته ان کي پائي نماز پڙهڻ سان نماز ٿي ويندي پر ان کي ٻيهر پڙهڻ بهتر آهي ۽ قصداً ان کي پائي نماز پڙهڻ خلافِ سنت ۽ مڪروهه آهي.

**درهم جي مقدار جي وضاحت:** وهندڙ رت نجاستِ غليظ آهي. نهايه شرح هدايه ۾ آهي: ”والدم السائل نجس نجاسة غليظة“ ترجمو: ”وهندڙ رت نجاستِ غليظ آهي.“ (النهايه في شرح الهدايه، 55/1)

۽ ان جا ٻه قسمَ آهن: پتڙو رت ۽ گهاٽو رت، ۽ نجاستِ غليظ ۾ پتڙي ۽ گهاٽي نجاست جي درهم جو مقدار مختلف هوندو آهي. ان ڪري ان لحاظ کان پتڙي ۽ گهاٽي رت جو مقدار به مختلف ٿيندو، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏنل آهي:

**(الف)** پتڙو رت: جيڪڏهن رت پتڙو آهي (يعني سڪي وڃڻ کان پوءِ ڪاغذ وغيره تي ان جو اڀريل جسم محسوس نه ٿيندو آهي) ته ان ۾ درهم جي مقدار مان مراد پوري ترِيءَ جي پکيڙ برابر هجڻ آهي يعني ترِي چڱي طرح پکيڙي سڌي رکجي ۽ ان تي آهستي آهستي ايترو پاڻي وجهجي جو ان کان وڌيڪ پاڻي نه بيهي سگهي، هاڻي پاڻيءَ جي جيتري پکيڙ آهي ايترو وڏو درهم سمجهيو وڃي.

پوءِ پتڙو رت جيڪڏهن ترِيءَ جي ان پکيڙ

جي برابر آهي تہ اهو درهم جي برابر، ان کان وڌيڪ آهي تہ درهم کان وڌيڪ ۽ ان کان گھٽ آهي تہ درهم کان گھٽ شمار ٿيندو.

(ب) گھاٽو رت: جيڪڏهن رت گھاٽو آهي (يعني سڪي وڃڻ کان پوءِ ڪاغذ وغيره تي ان جو اپريل جسم محسوس ٿيندو آهي) تہ ان ۾ درهم جي مقدار مان مراد ساڍا چار ماشا وزن هئڻ آهي.

پوءِ گھاٽو رت جيڪڏهن ساڍا چار ماشا وزن جو آهي تہ اهو درهم جي برابر ۽ جيڪڏهن ان کان وڌيڪ آهي تہ درهم کان وڌيڪ ۽ جيڪڏهن گھٽ هجي تہ درهم کان گھٽ شمار ٿيندو.

**نوٽ:** هن تفصيل مطابق ڏسي وٺجي تہ جنهن رت سان تعويذ لکيو ويو، اهو پتڙو آهي يا گھاٽو، جهڙو بہ هجي، ان جو حڪم مٿي بيان ڪيل تفصيل مطابق ڏسي وٺجي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) ٽن چڪرن ۾ اضطباع ڪي ڇڏڻ جو حڪم؟

**سوال:** علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ مون عمري جو طواف ڪندي شروع جي ٽن چڪرن ۾ ساڄو ڪنڌ ڪليل رکيو ۽ باقي چئن ۾ ڪنهن بہ عذر کان سواءِ ڍڪي ڇڏيو تہ ڇا ائين ڪرڻ صحيح هو؟ جيڪڏهن نہ تہ ڇا ان صورت ۾ دم يا صدقو وغيره لازم ٿيندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**شرعي اصول:** شرعي اصول هيءُ آهي تہ جنهن طواف کان پوءِ سعي هجي ان جي سيني چڪرن ۾ اضطباع سنت آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪوئي طواف جي سيني يا ڪجهہ ڦيرن ۾ ڪنهن بہ عذر کان سواءِ ان ڪي ڇڏي تہ خلافِ سنت ۽ اساءت جو مرتڪب آهي يعني ملامت جو مستحق آهي، جيڪڏهن عذر هجي تہ هاڻي اساءت نہ آهي، البتہ ان ٻنهي صورتن (يعني عذر يا بلا عذر اضطباع ڇڏڻ) جي ڪري دم يا صدقو لازم نہ ٿيندو.

**مذڪوره اصول جي روشنيءَ ۾ پڇيل صورت جو جواب:** مذڪوره اصول جي روشنيءَ ۾ توهان جو بلا عذر چار چڪرن ۾ اضطباع ڪي ڇڏڻ خلافِ سنت ۽ برو عمل هو، البتہ ان جي ڪري ڪوئي دم يا صدقو لازم نہ ٿيندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) ڪينگرو کائڻ حلال آهي

**سوال:** علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ ڪينگرو (Kangaroo) حلال آهي يا نہ؟ شرعي رهنمائي فرمايو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڪينگرو (Kangaroo) شرعاً حلال جانور آهي؛ ڇاڪاڻ تہ شرعي طور تي اهي جانور حرام هوندا آهن جيڪي نوڪدار ڏندن سان شڪار ڪندا هجن، جڏهن تہ ڪينگرو اهڙو جانور نہ آهي بلڪ هڪ سبزي خور (Herbivore) جانور آهي جيڪو رڳو گاهہ ۽ وڻن جا پن وغيره کائيندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي هاشم خان عطاري مدني

## ڇا جنت ۾ والدين سان ملاقات ٿيندي؟

**سوال:** علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائن تہ والدين ۽ اولاد جي جنت ۾ وڃڻ جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان ملاقات ٿيندي يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

مسلمان والدين ۽ اولاد جي جنت ۾ ملاقات ٿيندي، جيتوڻيڪ انهن جي درجن ۾ فرق هجي، جيئن تہ والدين ۽ پيءُ ڏاڏي جا درجا بلند هجن ۽ اولاد جا اعمال انهن درجن جا نہ هجن، تہ الله تعالیٰ محض پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان انهن جي خوشي لاءِ انهن کي اهي درجا عطا فرمائيندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم

## وفات جي عدت جي شروعات ڪڏهن ٿيندي آهي؟

**سوال:** علماءِ دين هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ منهنجي ڦُڦيءَ جو مڙس سعودي عرب ۾ وفات ڪري ويو هو. اتان سندس ميت کي پاڪستان آڻڻ ۾ ڇهہ ست ڏينهن لڳي ويا. پاڪستان ۾ آڻڻ کان پوءِ سندس تدفين ٿي. پڇڻو اهو آهي تہ منهنجي ڦڦيءَ جي وفات جي عدت ڪهڙي وقت کان شروع ٿيندي؟ جنهن وقت ڦڦڙ جو انتقال ٿيو يا سندن تدفين کان؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ توهان جي ڦڦيءَ جي عدتِ وفات ان وقت کان شروع ٿيندي جنهن وقت سندس مڙس جو انتقال ٿيو. ڇاڪاڻ تہ هن عدت جو تعلق وفات سان آهي تہ ان جي شروعات بہ وفات کان ٿيندي، تدفين سان ان جو تعلق نہ آهي، جيئن تہ اها حاملہ عورت جنهن جو مڙس فوت ٿي ويو ۽ اڃا سندس تدفين نہ ٿي هئي تہ ان عورت ٻار ڄڻيو تہ ان باري ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عنہ فرمايو تہ ان جي عدت پوري ٿي وئي.

**تنبيہ:** هي مسئلو ياد رهي تہ ڪنهن بہ شخص جي انتقال ٿيڻ کان پوءِ ان جي تجهيز، تڪفين ۽ تدفين ۾ جلدي ڪئي وڃي، بلا ضرورت تاخير ڪرڻ سخت منع آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّم

# ڇوڪرَن ۽ ڇوڪرِين جا 6 نالا



رسول پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ماڻهو پنهنجي ٻار کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، ان ڪري کيس گهرجي تہ ان جو نالو سٺو رکي.“ (جمع الجوامع، 285/3، حديث: 8875) هتي ننڍڙن ٻارن ۽ ٻارڙين لاءِ 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون وڃن ٿيون.

## ڇوڪرَن جا 3 نالا:

| نالو | سَڏڻ لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | بشير | خوشخبري ڏيڻ وارو | رسول پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| | جعفر | تمام وڏي نهر | صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مبارڪ نالو |
| محمد | حذيفہ | بي عيب | صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مبارڪ نالو |

## ڇوڪرِين جا 3 نالا

| | نالو | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| | رُقَيّہ | ترقي ڪندڙ | نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهزادي رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو با برڪت نالو |
| | اسماء | نشاني | صحابيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو با برڪت نالو |
| | لُبابہ | هر شيءِ جو خالص ۽ بهترين حصو | صحابيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو بابرڪت نالو |

(جن جي گهر ۾ پٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي آهي، اهي چاهين تہ انهن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکي سگهن ٿا.)



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) ڇا ننڍين ٻارن سان پَرِيُون کيڏنديون آهن؟

**سوال:** ننڍا ٻار سمهندي ڪڏهن ڪڏهن کِلندا آهن ان باري ۾ چيو ويندو آهي تہ اهي پَرِين ڪي ڏسي کِلندا آهن، اوهان ان باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟

**جواب:** ٻار ننڊ ۾ واقعي ڪڏهن ڪڏهن کِلندا آهن پر اهو چوڻ تہ انهن سان پريون کيڏنديون آهن عوامي خيال آهي. اها صرف هڪ قدرتي ڳالهہ آهي ان ۾ پرين جو ڪو بہ عمل دخل نہ آهي. مون ان باري ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي ناهي پڙهيو ۽ نہ وري عالمن کان ڪجهہ ٻڌو آهي. (مدني مذا ڪرو، 9 محرم الحرام 1441ھ)

### (2) جيڪڏهن خطبو نہ ٻڌو تہ ڇا جمعو ٿي ويندو؟

**سوال:** جمعي جي نماز جو خطبو سنت آهي اهو تقرير وارو آهي يا عربي وارو؟ ۽ جيڪو خطبو نہ ٻڌي سگهي ان جو جمعو ٿي ويندو؟

**جواب:** جمعي جي لاءِ خطبو شرط آهي ۽ ان جي مسئلن جو تفصيل آهي، ان جو عربي ۾ هجڻ سنت متوارثہ آهي. عربي جي جاءِ تي ڪنهن ٻي زبان ۾ خطبو ڏيڻ سان سنت ترڪ ٿيندي. جيڪڏهن ڪو شخص عربي وارو خطبو نہ ٻڌي سگهيو هجي پر جمعي جي جماعت ۾ شريڪ ٿي ويو هجي تہ ان جو جمعو ٿي ويندو. البتہ پهرين اَذان ٻڌندي ئي جمعي جي نماز جي تياري شروع ڪري ڏيڻ واجب آهي. (ڏسو: بهار شريعت، 769/1، 774، 775 - مدني مذاڪرو، 27 صفر المظفر 1441ھ)

### (3) عمارت جي بنيادن ۾ ٻڪري جو رت وجهڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص نئين عمارت ٺهرائي رهيو هجي تہ ڇا ان ۾ ٻڪر جو رت وجهڻ ضروري آهي؟

**جواب:** اهو غلط ڪم آهي. ڪي ماڻهو ٻڪر وغيره ڪُهي ان جو رت نئين عمارت جي بنيادن ڪي معاذالله ان لاءِ پياريندا آهن تہ اها بعد ۾ ٻانهن جو رت پيئندي! اهو غلط ڪم آهي، البتہ ٻڪر ڪُهي ۽ ان جو گوشت تقسيم ڪرڻ چاهيو تہ ڪري ڇڏيو چو تہ اهو هڪ سٺو ڪم آهي پر ان ۾ بہ اهو تصور نہ رکو تہ جيڪڏهن گوشت نہ ورهائيندس تہ اها عمارت ٻانهن جو گوشت کائيندي!

(مدني مذا ڪرو، 1 رجب المرجب 1441ھ)

### (4) ڇا هن صديءَ ۾ قيامت ايندي؟

**سوال:** هيءَ پندرهين صدي هلي رهي آهي ۽ ماڻهو چون ٿا تہ هن صدي جي مڪمل ٿيڻ کان پهريان قيامت اچي ويندي، ڇا اها ڳالهہ درست آهي؟

**جواب:** ائين چوڻ درست نہ آهي چوتہ حديثن ۾ قيامت جون ڪيتريون ئي نشانيون بيان ڪيون ويون آهن جن مان ڪجهہ نشانيون

پوريون ٿيون آهن ۽ ڪيتريون ئي نشانيون اجا باقي آهن.

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪنهن شخص پڇيو ته قيامت ڪڏهن ايندي؟ ارشاد فرمايو: توهان ان جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي ؟ عرض ڪيائون ته مون کي الله ۽ ان جي رسول سان محبت آهي. ارشاد فرمايو: جيڪو جنهن سان محبت ڪندو قيامت ۾ ان سان ئي گڏ هوندو. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن ارشاد **"جيڪو جنهن سان محبت ڪندو قيامت جي ڏينهن ان سان ئي گڏ اٿندو."** سان صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي اهڙي خوشي نصيب ٿي جهڙي پهريان ڪڏهن به نه ملي هئي. (ڏسو: بخاري، 527/2، حديث:3688) جو ته سڀ جا سڀ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪندا هئا ته هن فرمان جي مطابق سڀ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان قيامت جي ڏينهن اٿندا. بس اهو سوچي سوچي انهن جي خوشي ڏسڻ جهڙي هئي. ڪاش! اسان سان به ائين ٿئي ۽ اسان کي به پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي محبت ٿي وڃي ته بس قيامت ۾ رحمت جي نظر اسان تي به پئجي وڃي.

(مدني مذا ڪرو، 8 محرم الحرام 1440ھ)

## (5) زم زم مليل پاڻي بيهي پيئڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن هڪ جڳ ۾ زم زم شريف جا ڪجھ قطرا وجهي ڇڏجن ته ڇا ان پاڻيءَ کي بيهي پي سگهجي ٿو؟

**جواب:** آب زم زم جي ڇا ڳالھ ڪجي، جيڪڏهن ان جو هڪ قطرو پاڻي جي ڪولر ۾ وجهي ڇڏجي ته ان جو پاڻي بابرڪت ٿي ويندو، پر اهڙي پاڻي کي بيهي ان صورت ۾ پيئو جڏهن آب زم زم گهٽو ۽ بيو پاڻي گهڻ هجي، نه ته ويهي پيئو.

(مدني مذاڪرو، نماز تراويح کان بعد، 18 رمضان المبارڪ 1441ھ)

## (6) "مَاشَآءَالله" وغيره جو مطلب

**سوال:** "اَلحمدُلِلّٰه ، مَاشَآءَالله ، اِنْ شَآءَالله" انهن جو لفظي مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** اَلحَمْدُلِلّٰه! جو مطلب آهي "تمام خوبيون الله جي لاءِ آهن"، مَاشَآءَالله جو مطلب آهي "جيڪو الله چاهي" ۽ اِنْ شَآءَالله جو مطلب آهي "جيڪڏهن الله چاهيو."

(مدني مذا ڪرو، نماز ترا ويح کان بعد، 23 رمضان المبارڪ 1441ھ)

## (7) ڇا زوال جو وقت رات ۾ به ٿيندو آهي؟

**سوال:** ڇا رات جي 12 وڳي به زوال جو وقت ٿيندو آهي؟

**جواب:** جي نه! زوال ڏينهن ۾ منجهند جي وقت ٿيندو آهي، ان جو حساب سج لڙڻ تي ٿيندو آهي ان ئي سبب کان زوال جو وقت تبديل ٿيندو رهندو آهي. ڏينهن جي 12 وڳي ئي زوال ٿئي ائين نه آهي.

(مدني مذا ڪرو، نماز عصر کان بعد، 27 رمضان المبارڪ 1441ھ)

# گلا غيبت

**سوال: ڪي ماڻھو اھڙا آھن جيڪي ٻين جون برايون ڪندا آھن، انھن لاءِ قرآن پاڪ ۾ چا حڪم آھي؟**

جواب: ڪنھن جي پرپٺ برائي بيان ڪرڻ سخت وڏو گناھ آھي. حديث شريف ۾ آھي تہ گلا ڪرڻ جو گناھ زنا ڪرڻ کان وڌيڪ آھي. قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويوآھي تہ ”اوھان مان ھڪڙا ٻين جي پرپٺ گلا نہ ڪن. (پرپٺ گلا ڪرڻ تہ مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ آھي) توھان ۾ ڪو بہ اھڙو آھي جيڪو پسند ڪري تہ مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ توھان ان کان سخت نفرت ڪندا آھيو. پوءِ پرپٺ گلا ڪرڻ کان ڇو نہ ٿا نفرت ڪيو.“ (الحجرات: 12)

**سوال: ڪي ماڻھو اھڙا آھن جيڪي ڪنھن تي چٿرون ۽ ٺٺوليون ڪندا آھن ۽ برن لقبن (نالن) سان سڏيندا آھن. انھن لاءِ قرآن پاڪ ۾ چا حڪم آھي؟**

جواب: قرآن پاڪ ۾ آھي تہ ”اي مؤمنو (خبردار! اوھان مان) ھڪڙا ماڻھو ٻين ماڻھن تي چٿرون ۽ ٺٺوليون نہ ڪن، ممڪن آھي تہ اھي ٻيا مرد انھن (چٿرون ڪندڙن) کان بھتر ھجن. نڪي ھڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي ڪلون مسخريون ڪن. ممڪن آھي تہ اھي ٻيون عورتون انھن (ڪلون ڪندڙن) عورتن کان بھتر ھجن ۽ توھان ھڪٻئي جي بدنامي نہ ڪيو (۽ ھڪٻئي کي طعنا نہ ھڻو) ۽ ھڪٻئي تي خراب نالا نہ رکو. ايمان آڻڻ بعد (ان ماڻھو تي جنھن ايمان آندو آھي) خراب نالو رکڻ وڏي بڇڙائي آھي ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻھو (آئنده انھن بڇڙن ڪمن کان) توبھ ڪري باز نہ ايندا تہ وڏا گنھگار ۽ ظالم آھن. (حجرات: 11)

978-969-722-859-1
01130324
فيضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net